مشتاق گبول

# سنڌيءَ ۾ سچل سرمست جي غزل گوئي


**Abstract:**

*Sachal Sarmast is among those classical Sindhi poets who introduced a unique form of Sindhi ghazals even prior to Khalifo gul. Before Sachal's contribution, there was no progress in Sindhi art and thought, though the art of Sindhi ghazal writing was already in vogue. After Noor Mohammad Khasta, only Sachal Sarmast can be termed as first key poet of Sindhi ghazal. He broadened Sindhi ghazal in terms of its art and thought. Sachal brought Sindhi ghazal nearer to Kaafi (a form of Sindhi poetry) through his artistic experience and introduced smoothness in it by changing internal rhymes. He gave Sindhi ghazal a new diction and at times bought forth a complete new style of ghazals and coloured it with the theme of Kaafi. Sachal blessed Sindhi ghazal with the dialogue form. His ghazals cover a wide range of topics including oneness of God, divine love, allegorical and metaphorical love. As a matter of fact, Sachal had actually explained the characteristic features of Sindhi ghazal even prior to Khalifo Gul.*


**سچل** سرمست بنيادي طور ڪافيءَ جو شاعر آهي. هن جي ڪافين جا ڪيترائي گهاڙيٽا ملن ٿا. انهن گهاڙيٽن ۾ 'يڪي ڪافي' ۽ 'ٻيٽي ڪافي' جي هيئت ۾ هڪجهڙائي آهي ۽ انهن ۾ هڪ موضوع سمايل آهي، جهڙي ريت 'مسلسل غزل' جي روايت فارسي ۽ اردو شاعريءَ کان ٿي سنڌي شاعريءَ ۾ آئي آهي. 'مسلسل غزل' ۽ 'ٻيٽي ڪافيءَ' جي وچ ۾ بنيادي فرق کي واضع ڪرڻ لاءِ موضوعاتي لحاظ کان فارسي ۽ اردو غزل جي روايت جا پيرا کڻبا ته خبر پوندي ته غزل جي روايت ۽ فارسي ۽ اردو شاعريءَ جا هيٺيان اهم موضوع هئا:

نيڻ ۽ ابرو، تير، تراريون، نيزا، ڪان، خنجر، بسمل، مقتل، قاتل، قتل ۽ خون
حسن ۽ عشق جو بيان
مئڪشي، مئڪدو، مئخوار ۽ ساقي
زاهد، واعظ، ناصع ۽ اخلاق





محبوب جي بيوفائي ۽ جفا
جنون، دل ۽ جگر، شمع ۽ پروانہ، بُلبل، باغ ۽ بهار
زلف، گيسورخ، قد ۽ قامت
فلسفو ۽ تصوف

اهي موضوع ڪافيءَ جا ناهن، بلڪ غزل جا آهن ۽ انهن موضوعن تي سچل سرمست جا غزل ملن ٿا. اهي موضوع نج غزل جا موضوع آهن. سچل سرمست جي ٻيٽي ڪافي ۽ غزل جي وچ ۾ فرق ڪرڻ لاءِ غزل جي مٿين روايتي موضوعن کي ذهن ۾ رکي تحقيقي ڪم ڪري نتيجا اخذ ڪري سگهجن ٿا. سچل سرمست جي هيٺين غزل کي 'يڪي ڪافي' سڏيو وڃي ٿو، حقيقت ۾ اها ڪافي ناهي، غزل آهي.

"تيز تير انداز چشمان، يارن جون خوني خطاب،
ناز پروريون نظر سان ڪن ٿيون عاشق ڪباب.
برهہ جا باشا چوان يا نينهن جا نيزا ناياب،
يا چوان سي باز بحري، يا تراريون تيز تاب.
ملڪ گيري ڪن وڏي غماز سان لس لاجواب،
قتل جي ان ڪئون ٿيا، تن تي پيو ڪهڙو حساب."(١)

اکيون تير، نيزا، تراريون ۽ ڪان، عاشقن جو ڪباب ۽ قتل ٿيڻ، اهي سمورا موضوع، لفظ، علامتون ۽ قتل ڪرڻ جو سمورو سامان ۽ ماحول نِج غزل جو آهي ۽ اهڙي قسم جا خيال فارسي ۽ اردو غزل ۾ عام جام ملن ٿا. تڏهن ته انهيءَ کي ڊاڪٽر اياز قادري پنهنجي پي ايچ ڊي ٿيسز 'سنڌي غزل جي اوسر' (پاڱو پهريون) جي صفحي نمبر ٦ تي غزل طور شامل ڪيو آهي.

موضوعاتي لحاظ کان فلسفي ۽ تصوف واري فڪر تي لکيل سچل سرمست کان اڳ ۾ فارسي ۽ اردو غزل جي روايت ۾ اهي موضوع اهم رهيا آهن ۽ غزل جي روايت جو حصو آهن.

"غزل جي صنف فارسي خواهہ اردو زبانن تي ٻين عروضي صنفن کان وڌيڪ اثرانداز رهي آهي. گهڻو ڪري غزل جو مزاج صوفياڻو ۽ عاشقاڻو رهيو آهي. اها غزل جي بنيادي روايت آهي ۽ غزل جو مزاج انهن ٻنهي عنوانن جي چوگرد ڦرندو آهي، جن

ڪانسواءِ ڪو بہ غزل، غزل ٿي نٿو سگهي.“(٢)

صوفياڻو مزاج ۽ رنگ، تصوف ۽ فلسفي جا نُڪتا غزل جي بنيادي روايت جو حصو آهن. جنهن لاءِ علامہ آءِ آءِ قاضي ’صوفيانہ غزل‘ جو اصطلاح ڪتب آندو آهي.

”مطلب تہ ’صوفيانہ غزل‘ جو واسطو ’استغراق‘ واري ڪيفيت سان ٿئي ٿو، ان ڪري غزل جي باري ۾ اها دعويٰ ڪري سگهجي ٿي تہ غزل فطرت جو اهڙو سڌو سنئون عڪس آهي، جنهن جي ڪثرت ۽ رنگيني هڪ همہ گير وحدت جي صورت ۾ موجود آهن.“(٣)

سچل سرمست جي رسالي ۾ سنڌيءَ جون اهڙيون ٽيهہ (٣٠) ڪن ڪافيون آهن، جيڪي اصل ۾ هيئت، موضوع، مواد، لفظيات، علامتن ۽ ماحول جي لحاظ کان مڪمل طور تي غزل آهن. فني حوالي کان علمِ عروض تي لکيل آهن. انهن ۾ تغزل آهي ۽ انهن ۾ غزل جا لوازمات نِيايل آهن.

ڊاڪٽر اياز قادريءَ جو چوڻ آهي تہ:

”سندس ديوان آشڪار ۽ هندي ريختہ وارن غزلن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هن کي علمِ عروض تي دسترس هئي ۽ هُو غزل جي جملي نزاڪتن ۽ رعنائين کان واقف هو. هن کي پارسي شاعريءَ جي غزل جي لوازمن جي چڱي ڄاڻ هئي، ان ڪري هن پنهنجي سنڌي غزل ۾ انهن لوازمن کي قائم رکيو.“(٤)

سچل سرمست جي ٽيهہ غزلن مان پندرنهن (١٥) غزل چند تي ۽ پندرنهن غزل علمِ عروض جي هيٺين بحرن ۽ وزنن تي لکيل آهن:

١. عاشق ڏسڻ ۾ آيو، محبوب گل سناسي. (بحر مضارع مثمن اخرب محذوف، وزن: مفعول فاعلاتن، مفعول فاعلاتن)
٢. تيز تير انداز چشمان، يارن جون خوني خطاب. (بحر رمل مثمن سالم، وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات)
٣. آهي انهن اکين کي خاصو خمار تنهنجو. (بحر مضارع مثمن اخرب محذوف، وزن: مفعول فاعلاتن، مفعول فاعلاتن)
٤. هر جاءِ آهي جاني، جلوو جمال تنهنجو. (بحر مضارع مثمن اخرب





محذوف، وزن: مفعول فاعلاتن، مفعول فاعلاتن)
٥. چيم آخر ٻَڌي هٿڙا، اڳيون دلبر تو اينداسون. (بحر هزج مثمن سالم، وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن)
٦. آ ذوق شوق سهڻا، مون کي مدام تنهنجو. (بحر مضارع مثمن اخرب محذوف، وزن: مفعول فاعلاتن، مفعول فاعلاتن)
٧. دل ڇپن سان چُمين پيو پير مغان جو آستان. (بحر رمل مثمن محذوف، وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن)
٨. ڪم نہ عاشق سو ڪرين، جنهن ۾ تنهنجي تعريف ٿئي. (بحر رمل مثمن محذوف، وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن)
٩. سر ڏئين تون، سر ڏئين، جي عشق ۾ تو سر ڏئين. (بحر رمل مثمن محذوف، وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن، فاعلن)
١٠. محبت عشق مولا جي، گهڻا سي گهوٽ گهايا ها. (بحر هزج مثمن سالم، وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن)
١١. يار لايو رنگ ڏسي تون، جي هئين ڪنهن خيال ۾. (بحر رمل مثمن محذوف، فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن)
١٢. حسن تنهنجو تو اچي، طرحون طرح ڏيکار ۾. (بحر رمل مثمن محذوف، وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن)
١٣. ڪير هُيڙس ڪير ٿي آيس نرالي نام ۾. (بحر رمل مثمن محذوف، وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن)
١٤. جي هئين عاشق تہ برسر مينهن محبت جو وساءِ. (بحر رمل مثمن سالم، وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات)
١٥. مان وڃي ڪنهن کي چوان، هي يار جو احوال جي. ( بحر رمل مثمن محذوف، وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن)

هاڻي اچون ٿا سنڌي غزل جي روايت ۽ سچل سرمست جي غزل گوئيءَ ڏانهن. سچل سرمست جو شمار سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جي هڪ اهڙي شاعر طور ٿئي ٿو، جنهن صحيح معنيٰ ۾ سنڌي غزل کي نئين دلفريب صورت بخشي. سچل کان اڳ ۾ سنڌي غزل فن ۽ فڪر جي سطح تي ڪي بہ ارتقائي منزلون طئي نہ ڪيون هيون، صرف

ان جي لکڻ جي روايت قائم ٿي هئي. اها روايت نور محمد ’خستہ‘ قائم ڪئي هئي ۽ ان سان گڏ ميان چتن تکڙائيءَ جو بہ هڪ عدد اڌورو غزل ملي ٿو. غزل جي ابتدا ۽ روايت جي لحاظ کان انهن ٻنهي شاعرن جي ڪوشش کي بنيادي حيثيت حاصل آهي.

نو محمد ’خستہ‘ جي دستياب غزل جو رنگ فارسيت زده آهي. جنهن غزل جي هر شعر ۾ هڪ سِٽ مڪمل طور تي فارسي ٻوليءَ ۾ آهي. ايئن هن پنهنجو ناتو فارسي روايت سان جوڙيو. جنهن ڪري سنڌي غزل جي روايت ۾ فارسي ٻولي ۽ فارسيت زده غزل جا بنياد پيا.

تا بر افگندي از رخ تو نقاب،
حشر ٿيو، آفتاب لايو تاب.
ان منم کز تصادمِ هجران،
روز شب تو رهان بي خور و خواب.
ڪشتيءَ عمرِ من بہ بحرِ غمت،
لهر لوڏن هٽي ڪئي غرقاب.
’خستہ‘ و خوار منجهہ ’وسيءَ‘ مون جيئن،
نيست ديگر کسي ز شيخ و شاب.[۵]

تکڙ/وسيءَ جي نور محمد ’خستہ‘ جي غزل جي برعکس ميان چتن غزل جي روايت ۾ فارسي تقليد کان هٽي ۽ سنڌي رنگ ۽ ڍنگ ڏئي، غزل کي ڪلاسيڪل شعري روايت سان ڳنڍيو. هن غزل ۾ ٻوليءَ جي اصليت قائم رکيءَ پهريون ڀيرو غزل ۾ تجنيس حرفي آڻي، اُن ۾ ردم ۽ ترنم پيدا ڪيو.

پراهون پرين، پيو نہ پانب پرو،
سُڪا سنڌ سيني ڪي سريو سرو.
ونيون واجهہ ويتر وجهن واءِ واءِ!
ڪري قرب واڍوڙين ڏي ورو!
پسي پاند پازيءَ جو پر بو’ترابي‘،
گنهگار جو آهہ گولو گرو.[٦]

پر سچل سرمست اهو پهريون شاعر سڏي سگهجي ٿو، جيڪو صحيح معنيٰ





۾ سنڌي غزل جو پهريون بُنيادي شاعر آهي. هن سنڌي غزل کي فني ۽ فڪري وسعت بخشي. هن پنهنجي فني تجربن ذريعي غزل کي ڪافيءَ جي ويجهو آندو ۽ ڪافيءَ کي غزل جي ويجهو آندو، ان ۾ اندروني قافيا آڻي بي پناهہ رواني پيدا ڪئي. هن غزل کي هڪ نئون اسلوب، ڪٿي ڪٿي مڪمل غزليہ لهجو ۽ گهٽي ڀاڱي ڪافي رنگ لب ۽ لهجو عطا ڪيو. سچل جي اختصار، سادگي، غزليہ انداز ۽ رنگ کي بعد ۾ سنڌي غزل جي پهرين صاحب ديوان شاعر خليفي ’گل‘ بہ اپنايو. گل جي غزل ۾ ڪيتريون ئي اهڙيون روايتون آهن، جيڪي اڳ ۾ سچلُ جي غزل ۾ ملن ٿيون. سچل، خليفي گل جو پيش رو هو. خليفي گل، سچل جي قائم ڪيل روايتن کي وسعت بہ بخشي ۽ گڏوگڏ ان ۾ نيون روايتون پڻ قائم ڪيون.

سچل ڪلاسيڪل شاعريءَ سان گڏ، سنڌي شاعريءَ کي عروضي شاعريءَ جي روايت سان ڳنڍڻ ۾ بہ اهم ڪردار ادا ڪيو. هن سنڌي غزل جا خدوخال واضح ڪيا. هُو سنڌي غزل کي مجازي رنگ عطا ڪندڙ پهريون شاعر آهي. سنڌي شعري تاريخ ۾ سچل سرمست جا غزل هڪ نئين روايت جي بنياد آهن.

ٽالپر دور ۾ سچل سرمست، سنڌي غزل جي روايت جو پهريون اهم ۽ بُنيادي شاعر آهي، جنهن گائڪيءَ جي ذريعي ڪافيءَ سان گڏ غزل کي عام ماڻهن تائين پهچايو. سچل سرمست صحيح معنيٰ ۾ نور محمد ’خستہ‘ کانپوءِ سنڌي شاعريءَ ۾ غزل جو باني آهي.

”سچل غزل جي سمورن لوازمات کي نڀايو آهي. وزن، رديف، قافيو ۽ لفظن جي جوڙجڪ ڏسي، هن ڳالهہ جو قائل ٿيڻو پوي ٿو تہ سچل، غزل جو موجد آهي ۽ هن سنڌي شعر کي هڪ نئين دنيا سان آشنا ڪيو.“[٧]

احسان احمد بدوي، سچل کي غزل جو موجد ان لاءِ سڏيو آهي، جو خليفي گل کان بہ اڳ ۾ سنڌيءَ ۾ سڀ کان اول گهٽي کان گهٽا غزل (تعداد ۽ معيار جي لحاظ کان) سچل جا ملن ٿا، پر شيخ عبدالرزاق ’راز‘ پنهنجي ڪتاب ’سنڌي غزل جو تجزيو‘ ۾ سچل جي غزل کي نظرانداز ڪندي، خليفي گل کي غزل جو موجد سڏيو آهي.

”سنڌي غزل جي شاعريءَ ۾ خليفي گل کي جيڪڏهن اهڙي صنف شاعريءَ جو موجد چئجي تہ ڪنهن بہ قسم جو وڌاءُ نہ ٿيندو. عروضي شاعريءَ جو رواج تہ گل

ڪان گهڻو اڳي سنڌي ٻوليءَ ۾ پئجي چڪو هو، پر هن سنڌي غزل جي صنف جو بنياد وڌو.“(٨)

شيخ عبدالرزاق ’راز‘ به ٻين محققن ۽ تنقيد نگارن وانگر سچل جي غزل کي نظرانداز ڪيو آهي يا سچل جي غزل کي ڪافي سمجهڻ جي ڀُل ڪئي. شايد ان ڪري ئي سچل بجاءِ خليفي گل کي سنڌي غزل جو موجد سڏيو آهي، پر حقيقت ان جي برعڪس آهي. گل سنڌي غزل جو موجد ناهي، پر گل سنڌي غزل جي شاعريءَ ۾ ’نج سنڌي رنگ غزل‘ جو موجد ۽ پهريون غزل جو صَاحبِ ديوان شاعر آهي ۽ سچل سنڌي غزل جي شاعريءَ ۾ پيڙهه جو پٿر آهي.

خليفي گل جي غزل جو تاريخي پسمنظر مبهم هو، چِٽو ۽ واضح نه هو، سنڌي غزل جي ارتقائي منزلن بابت ڪا ڄاڻ نه هئي ته سنڌي غزل ڪيئن پنهنجو پند طئي ڪري خليفي گل وٽ وجي، نئون رنگ ۽ ڍنگ ماڻيو ۽ ان خليفي گل وٽ پهچي تحريڪ جي صورت اختيار ڪئي. سچل سرمست جو غزل، سنڌي غزل جي ارتقا جي لحاظ کان سنگِ ميل جي حيثيت رکي ٿو ۽ خليفي گل جي غزل جي تاريخي پسمنظر جو شاهد آهي. تنهنڪري ان ڳالهه ۾ ڪا صداقت ڪانهي ته گل جي پيش رو ۽ همعصرن ۾ غزل لکندڙ ڪو شاعر موجود نه هو.

راز لکيو آهي: ”گل جي همعصرن ۾ ڪو اهڙو شاعر نٿو ڏسجي، جنهن هن صنف سخن ۾ طبع آزمائي ڪئي هجي.“(٩)

گل جي پيش رو شاعرن ۾ سچل غزل جي صنف تي ڀرپور نموني طبع آزمائي ڪري چڪو هو.

”ائين چوڻ غلط نه ٿيندو ته سنڌيءَ ۾، ڀرپور نموني غزل سچل ئي آندو. ڀلي پوءِ ڪٿي ڪٿي غزل تي سرو ڪافيءَ جو ڏنو ويو آهي. هن جا چڱا غزل ميسر آهن، جن ۾ ڪٿي نج سنڌي ٻوليءَ جو هُڳاءُ اچي ٿو ته ڪٿي وري پارسيءَ جو اثر نمايان آهي.“(١٠)

سچل جو غزل نه صرف فني لوازمات تي پورو آهي، پر هن پنهنجي غزل جو رشتو ڪافيءَ سان ڳنڍيو. هيئت جي لحاظ کان سچل پنهنجي غزل ۾ فني تجربا ڪيا. ان ۾ اندروني قافيا ڪتب آڻي، ان کي نئون ردم ڏنو. ان لاءِ ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ





جهڙي عالم به سچل جي غزلن کي ’غزل ۽ ڪافي‘ سڏيو آهي.

”سچل جو ڪلام جيڪو علمِ عروض تي پورو آهي، سو به روايتي ڪافيءَ جي انداز تي آهي، سٽن جي پدن جي ورهاست ۽ وچ جا قافيا به آهن. عروضي وزنن ۾ اهي غزل ۽ ڪافيون موزون آهن، پر ردم غزل بجاءِ ڪافيءَ ڏي وڌيڪ نمايان آهي.“(١١)

غزل جي وچ ۾ قافيا آڻڻ، سچل جو غزل جي فن ۾ هڪ منفرد ۽ نرالو تجربو هو. غزل ۾ اندوني قافين آڻڻ واري سچل جي روايت کي سنڌي غزل جي پهرين صاحبِ ديوان شاعر خليفي گل، جديد سنڌي غزل جي باني سانگي ۽ جديد سنڌي غزل کي گيڙو رنگ ۽ روپ ڏيندڙ شاعر شيخ اياز به اپنايو.

هيءَ سَين نه ڏيندي چين، اُتي ڏِسُ! ڪوئي آيو آ پيارا!
هي شايد ساڳيو رمتو آ، اڳ جيئن اُجايو آ پيارا.
جنهن وقت اسان جي تند **ٽٽي**، ۽ ساز ٽٽي آواز **جهٽي**،
تنهن وقت ڀلي ڪو ڪنڌ **ڪٽي**، جو آيو، ڳايو آ پيارا!(١٢)

سچل سرمست اهو پهريون شاعر آهي، جنهن سنڌي غزل کي غزل جي اصل هيئت جي پابنديءَ هيٺ رهي، اندروني قافين ذريعي هڪ الڳ هيئت ڏني، جنهن سان غزل ۾ فني وسعت ۽ نکار پيدا ٿي پيو ۽ اُن جي غنائيت ۾ اضافو ٿيو.

عاشق ڏسڻ ۾ آيو، محبوب گل سناسي،
عبرت عجب عجائب، اسرار رنگ عباسي.
برهي جي اک **بيني**، ڪائي مثال **چيني**،
توڙي رنگون **رنگيني**، چينيءَ جي مَٽ نه ڪاسي.
گل آب جاءِ **جاتي**، محبوب راز **تاتي**،
عاشق ڏسڻ ڪون **ڪاتي**، رهندو پتنگ پياسي.“(١٣)

سچل جي غزل جو اهو فني رنگ، سفر ڪندي جديد سنڌي غزل تائين پهتو. اهو فني رنگ، غزل جي غنائيت کي دوبالا ڪري، سُرن جي هڪڙي نئين جهان سان آشنا ڪري ٿو. سچل انهيءَ فني روايت سان غزل کي نئين تازگي بخشي. سچل جي قائم ڪيل اندوني قافين آڻڻ واري روايت سان فني طور غزل ۾ صدين جي روايتن کي ٽوڙڻ جهڙي خوشگوار تبديلي آئي.

موضوعاتي لحاظ کان مٿيون غزل مجازي ۽ حقيقي عشق جو حسين امتزاج رکي ٿو.

سچل جي غزل ۾ جيڪو ٻيو فني تجربو ملي ٿو، اُهو تجربو اِهو آهي تہ هن غزل جي هر مصرع ۾ قافيو آڻي، غزل جي اصل مروج هيئت کي بدلائي، پنهنجو الڳ فني گهاڙيٽو آندو.

تيز تير انداز چشمان، يار جون خوني خطاب،
ناز پروريون نظر سان، ڪن ٿيون عاشق ڪباب.
آهہ ويجهائي جو هي، عاشقن ڏوڙو عذاب،
موت ماريا جي اکين، تن سالڪن پيٽو ثواب.
برهہ جا باشا چوان، يا نينهن جا نيزا ناياب،
يا چوان سي باز بحري، يا تراريون تيز تاب.(۱۴)

سچل جي ان غزل تي فارسي ٻوليءَ جو ۽ فارسي غزل جي روايت جو اثر ڏسي سگهجي ٿو. غزل جي لفظيات، انداز ۽ رنگ، موضوع ۽ مواد، سمورو فارسي ۽ اردو غزل جي روايت وارو آهي. غزل ۾ عاشق کي ڪُهڻ لاءِ محبوب وٽ سمورو سامان موجود آهي.

سچل جي غزل جي وڏي خُوبي، ان جي فني انفراديت ۾ آهي، جيڪا سنڌي شاعريءَ ۾ سچل جي غزل کي ممتاز حيثيت بخشي ٿي. سچل پنهنجي فني تجربن ذريعي غزل جي صدين پُراڻي مزاج کي بدلائي ڇڏيو ۽ اُن کي نئون فني مزاج ڏيڻ ۾ ڪامياب ويو.

سچل، غزل ۾ گفتگو ۽ ڳالهہ ٻولهہ (مڪالمي) جو انداز آندو. جيڪو انداز غزل جي اسلوب ۾ هڪ تجربو هو. ان تجربي سان سچل غزل کي مڪالماتي رنگ بخشيو. جنهن ۾ هڪ مصرع ۾ عاشق جو ۽ ٻي مصرع ۾ محبوب جا مڪالما ڏنل آهن.

چيم آخر ٻَڌي هٿڙا، اڳيون دلبر تو ايندا سون،
چيائون ايندين تہ ڇا ٿيندو، ڏسڻ مُنهن ڪين ڏيندا سون.
چيم دلبر تنهنجي در تي، اچي ٿيندس مان درباني،
چيائون تنهن طرف هرگز نہ پوريل در پٽيندا سون.





چيم دلدار کي آهيان، فقط هڪ بوسي جو سوالي،
چيائون ڪين اهڙا سوال، مُورئون ئي مڃيندا سون.
چيم اي دلربا دلبر، نہ ڪر گم آبرو منهنجي،
چيائون هي اجا ڇاهي، ٻيا پيي سُور ڏيندا سون.
چيم منهنجي مرڻ ڪانپوءِ، اچين من تون بہ مرقد تي،
چيائون جي ڏٺوسي ڪٽ، لتاڙي لوڙهہ ويندا سون.
چيم دلبر منا دم دم، اَٿِي پرتو 'سچل' سائل،
چيائون ڪيم لوڙهج دل، اوهان آخر گڏيندا سون.(۱۵)

اهڙن مثالن مان اِها ڳالهہ ثابت ٿئي ٿي تہ سچل غزل جي اصل مزاج ۽ ان جي روايتي گهاڙيٽي کي تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ان ۾ ڪي تبديليون پڻ آنديون. هر مصرع ۾ قافيو آڻڻ واري هيئتي تبديلي مقبوليت ماڻي نہ سگهي. ٻي جيڪا غزل جي اصل هيئت ۾ رهي، اندروني قافين آڻڻ واري تبديلي هئي، اُن تمام گهڻي مقبوليت ماڻي. ٽين جيڪا اهم تبديلي سچل جي غزل ۾ ملي ٿي، اُها آهي مڪالماتي انداز ۽ هر مصرع ۾ ساڳين لفظن جي ورجاءَ ۽ تڪرار واري تبديلي.

سچل جي مٿين غزل ۾ 'چيم' ۽ 'چيائون' جي تڪرار کي ڏسجي تہ موجوده دور ۾ اردو ۽ سنڌيءَ جي ڪيترن ئي شاعرن جا غزل، ان انداز ۽ رنگ ۾ ملن ٿا. سچل جي غزل جو اهو رنگ، موجوده غزل جو بہ مقبول رنگ آهي. غزل جي اندازِ بيان ۾ سچل جو اهو هڪ نئون تجربو هو. غزل جي اندازِ بيان کي ئي ڏسجي تہ سچل ان کي 'ڪافيءَ' جي ويجهو آندو. ان لاءِ هن غزل جي مخصوص مرداڻي لهجي کي مٽائي، اُن ۾ نسواني لهجو آڻي نزاڪت ۽ نفاست پيدا ڪئي ۽ سنڌي غزل کي هن هڪ نئين نرم، ملائم ۽ نفيس لهجي سان آشنا ڪيو، جيڪا اُن دور ۾ وڏي تبديلي هئي.

آهي انهن اکين کي، خاصو خمار تنهنجو،
ويٺو وٺي مان آهيان، ڪامل قرار تنهنجو.(۱۶)

جي مون پڇو ڙي جيڏيون، آهي برهہ بيقراري،
بخشش الاهي آهي، ناهہ ڪسب اختياري.(۱۷)

سڄڻ تنهنجو برهه باري، اسان جي ساڻ تو ياري،
آءُ تا ٻانهي، تون تا سائين، ٻَڌي ٻانهون ڪيم زاري.[(١٨)]

غزل جي فن ۾ اهي اهڙا تجربا هئا، جيڪي اُن وقت سچل ڪيا. جيتوڻيڪ ڪٿي ڪافيءَ وانگر غزل ۾ عروضي وزن احذاف جو شڪار ٿئي ٿو، پر سچل جي مجازي ۽ حقيقي عشق، تصوف، وحدانيت، نفي ۽ اثبات جهڙن موضوعن جو اثر گل ۽ سانگيءَ جي غزل تي بہ واضع طور ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اهي موضوع غزل جو اصلي روح آهن.

سچل غزل کي فني حسناڪيءَ سان گڏ خيال جي خوبصورتي ۽ قافين جي انفراديت بہ بخشي. هُو غزل ۾ ڪيترين ئي فني روايتن جو جنم داتا آهي.

سچل جو غزل مجموعي طور تي فن ۽ فڪر جي انوکي تازگي ۽ جدت رکندڙ آهي. اختصار، سادگي ۽ احساسن جي تازگي هن جي غزل جي اهم خُوبي آهي. اختصار سبب سچل جا ڪيترائي غزل سنڌي غزليہ شاعريءَ ۾ منفرد حيثيت رکن ٿا. هيٺيون غزل اختصار جو حسين نمونو آهي:

اسين پاڻ ڪئون وياسين،
ڪنهن جاءِ ٻي پياسين.
سنها ٿلها سڦرا،
سڀ چوليءَ هڪ ڇناسين.
اهي هوڪا حقيقت جا،
اسان ڏيهہ منجهہ ڏناسين.
توڙي پليو پاڙيچن،
تان پي رَتي ڪين رهياسين.
موٽي موٽڻ جي سعيي،
اسان وڏا وس ڪياسين.
موج اُڙهي مهراڻ ۾،
تنهن مون پار لنگهياسين.
’سچل‘ نانءُ سڏائي اسين،
لوڪن منجهہ لڪياسين.“[(١٩)]





سچل هڪ صوفي شاعر هو، هن جي غزل ۾ تصوف ۽ عارفاڻو رنگ جهلڪي ٿو. ڪافيءَ وانگر هن جي غزل ۾ بہ تصوف سان لاڳاپيل لفظ، اصطلاح ۽ موضوع سمايل آهن.

ڪم نہ عاشق سو ڪرين، جنهن ۾ تنهنجي تعريف ٿئي،
ڪڻ ملامت ڪا مٿي، مَرُ ڏيهہ تو طعنا ڏئي.
برهہ ۾ بدنام ٿيءُ، ٻيو ڪين ٿئي ڪسبن ڪئي،
عشق جي درياءَ جي ڇولي ڇڪي مَرُ تو نئي.[(٢٠)]

هر جاءِ آهي جاني، جلوو جمال تنهنجو،
خم خم ۾ ڪري قابو، خوبان خيال تنهنجو.[(٢١)]
منصور سُوريءَ تي چڙهيو، هر ڪنهن چيو ٿي واهہ واهہ،
عاشق اُتيئي سر ڏنو، انالحق ٿيو سڀ ساهہ ساهہ.[(٢٢)]

موج مستيءَ جي چڙهي، واديءَ وحدت جي منجهاءِ،
ڪيو پسار پيل پاڻيءَ، جوش مان هر جاءِ بجاءِ.[(٢٣)]

ڪير هُيڙس، ڪير ٿي آيس نرالي نام ۾،
ڪيئن ڦاسايم پاڻ کي، نئين درد جي هن دام ۾.[(٢٤)]

سچل جي غزل کي ڏسجي تہ اها ڳالهہ سمجهہ ۾ ايندي تہ سنڌي غزل جو ابتدائي رنگ ئي تصوف وارو ۽ عارفاڻو ۽ مجازي آهي. هن پنهنجي غزل ۾ مجازي لذت پيدا ڪئي.

چيم دلدار کي آهيان، فقط هڪ بوسي جو سوالي،
چيائون ڪين اهڙا سوال، مُورئون ئي مڃينداسون.[(٢٥)]

اهو اهڙو شعر آهي، جيڪو خالص مجازي رنگ جو آهي ۽ ان شعر ۾ جسماني ڇهاءَ جو ذڪر آهي.

سچل جي غزل جي فني ۽ فڪري خوبين کي ڏسندي ان ڳالهہ ۾ ڪو وڌاءُ ڪونهي تہ خليفي گل جي غزل جي ڪيترن ئي فني فڪري روايتن جا پيرا، سچل جي غزل وٽ اچي پهچن ٿا. گل جي غزل جي ڪيترن ئي اهم پاسن کي سمجهڻ لاءِ سچل جي

غزل کي سمجهڻ ضروري آهي، جو ته خليفو گل، سچل جو تسلسل آهي.

**نتيجو:**

سچل سرمست انهن سنڌي ڪلاسيڪل شاعرن منجهان آهي، جنهن سنڌي غزل کي خليفي گل کان اڳ ۾ ئي نئين دلفريب صورت بخشي. سچل کان اڳ ۾ سنڌي غزل جي فن ۽ فڪر جي سطح تي ڪا ارتقا نه ٿي هئي، صرف ان جي لکڻ جي روايت قائم ٿي هئي. تنهنڪري سچل سرمست ئي سنڌي غزل جو پهريون بنيادي شاعر آهي. هن سنڌي غزل کي فني ۽ فڪري وسعت بخشي. سچل پنهنجي شاعريءَ ذريعي غزل کي ڪافيءَ جي ويجهو آندو ۽ ان ۾ اندروني قافيا آڻي بي پناهه رواني پيدا ڪئي. هن غزل کي هڪ نئون اسلوب، ڪٿي ڪٿي مڪمل غزليه لهجو ۽ گهٽي ياڱي ڪافيءَ جو رنگ ۽ ڍنگ ڏنو. سچل غزل کي مڪالماتي انداز پڻ بخشيو. هن جي غزل ۾ تصوف، وحدانيت، حقيقي ۽ مجازي عشق جهڙا موضوع ملن ٿا. صحيح معنيٰ ۾ خليفي گل کان به اڳ ۾ سچل سرمست سنڌي غزل جا خدوخال واضح ڪيا.

## حوالا


١. سرمست، سچل، 'سچل فقير جو رسالو'، (مرتب: نماڻو فقير) روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ص: ١١٢.

٢. راز، عبدالرزاق، 'سنڌي غزل جو تجزيو'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، ٢٠٠٤ع، ص: ١٥.

٣. سولنگي، حبدار، 'سنڌي غزل جو اڀياس'، سمبارا پبليڪيشن، حيدرآباد، ٢٠١٧ع، ص: ١٥ ۽ ١٦.

٤. قادري، ڊاڪٽر اياز، 'سنڌي غزل جي اوسر'، (پاڳو ڀيو)، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، ١٩٨٤ع، ص: ٥ ۽ ٦.

٥. ٺٽوي، اسد الله، 'تذڪره شعراءِ ٺٽو'، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٥٩ع، ص: ١٨.

٦. ساڳيو، ص: ١٩ ۽ ٢٠.

٧. بدوي، احسان، 'تنقيد ۽ تنقيد نگاري'، انٽرنيشنل پريس ميڪلوڊ روڊ، ڪراچي، ١٩٥٩ع، ص: ٣٥.







٨. راز، شيخ عبدالرزاق، 'سنڌي غزل جو تجزيو'، (ڇاپو ٻيو)، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، ٢٠٠٤ع، ص: ٢٣.

٩. ساڳيو، ص: ٢٤.

١٠. موهي، واسديو، 'ورهاڱي کانپوءِ سنڌي غزل جو هئنڊ بڪ'، گانڌينگر، ٢٠٠٨ع، ص: ٢٤.

١١. عباسي، تنوير، 'ڇهه ماهي سنڌي ادب'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، ١٩٨٣ع، ص: ١٢٧.

١٢. شيخ، اياز، 'گيڙو ويس غزل'، (مرتب: اسحاق سميجو)، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ٢٠١٥ع، ص: ١٨٠.

١٣. سرمست، سچل، 'سچل فقير جو رسالو'، (مرتب: نماڻو فقير)، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ص: ٢٠٥.

١٤. ساڳيو، ص: ١١٢.

١٥. ساڳيو، ص: ١٥١.

١٦. ساڳيو، ص: ٥٩.

١٧. ساڳيو، ص: ١٣٥.

١٨. ساڳيو، ص: ١٨٠.

١٩. ساڳيو، ص: ١٦٩ ۽ ١٧٠.

٢٠. ساڳيو، ص: ١٦٩ ۽ ١٧٠.

٢١. ساڳيو، ص: ٢٢٢.

٢٢. ساڳيو، ص: ٢٨٧.

٢٣. ساڳيو، ص: ٢٥٠.

٢٤. ساڳيو، ص: ٢٤٩.

٢٥. ساڳيو، ص: ٢١٨.